امير اهل سنت دامت برکاتھم العاليه جي ڪتاب "نيڪي جي دعوت" جي هڪ قسط مع ترميم ۽ اضافو

# ڪنهن جا عيب تلاش نہ ڪيو

سنڌي

عالم جي غلطي بيان ڪرڻ منع ڪرڻ ڇو؟

سون جي منڊي هٽ ۾ ٽانڊو

فرعون جي اصلاح ۾ نرمي سان....!

دنيا ۾ اچڻ جو مقصد




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفڪر بيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي چڏيو)**

رسالي جو نالو: **ڪنهن جا عيب تلاش نه ڪيو**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڪتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جي ڪتاب "نيڪي جي دعوت" مان کنيل مضمون

# ڪنهن جا عيب تلاش نہ ڪيو

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪنهن جا عيب تلاش نہ ڪيو[1]

**دعاءِ عطار:** ياربّ المصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”ڪنهن جا عيب تلاش نہ ڪيو“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي ٻين جا عيب لڪائڻ ۽ ان جي خوبين تي نظر رکڻ وارو بڻاءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.
آمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي سيني ڪان ويجهو اهو هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي وڌيڪ درود پڙهيا هوندا.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## گناهہ کان منع ڪرڻ ڪڏهن فرض آهي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! بيشڪ سنتن ڀريو بيان ڪرڻ ثواب جو ڪم ۽ تمام وڏي سعادت جي ڳالهہ آهي پر هي ذهن ۾ رهي تہ وعظ ۽ نصيحت تي مشتمل بيان ڪرڻ مستحب ڪم آهي، جيڪڏهن نہ ڪيو تہ ڪو گناهہ ناهي، پر ڪنهن کي گناهہ ڪندي ڏٺو ۽ يقين آهي تہ ان کي ٻڌائيندس تہ مُڙي ويندو تہ ڪيئي ڪلاڪن جي بيان جي مقابلي ۾ ان کي گناهہ کان منع ڪرڻ ۾ وڌيڪ

[1] هي مضمون اميراهل سنت جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ڪنيو ويو آهي
[2] ترمذي شريف جلد1 ص27، حديث:484

ثواب آهي چوتہ هاڻي ان کي منع ڪرڻ فرض آهي ۽ منع نہ ڪرڻ وارو گنهگار ۽ عذاب نار جو حقدار آهي جيئن تہ دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 1197 صفحن جي ڪتاب "بهار شريعت" جلد 3 صفحي 615 تي حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "جيڪڏهن يقين آهي تہ هي انهن (برائي ڪرڻ وارن) کي چوندو تہ هُو ان جي ڳالهہ مڃي وٺندا ۽ بري ڳالهہ کان مڙي ويندا تہ اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْف (يعني سني ڳالهہ جو حڪم ڪرڻ) واجب آهي، ان (يعني ڪنهن کي برائي ڪندي ڏسڻ واري) کي (برائي کان منع ڪرڻ کان) خاموش رهڻ جائز ناهي."

جو نیکی کی دعوت کی دھومیں مچائے
میں دیتا ہوں اُس کو دعائے مدینہ
(وسائلِ بخشش ص ۱۵۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## امام اعظم کي گناهہ نظر اچي ويندا!

دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 308صفحن جي ڪتاب "اسلامی بہنوں کی نماز" صفحي 12 تي آهي: حضرت علامہ عبدالوهاب شَعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ دفعي امامِ اعظم اَبُوحَنِيفَه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪوفي جي جامع مسجد جي وُضو خاني ۾ تشريف فرما ٿيا تہ هڪ نوجوان کي وُضو ڪندي ڏٺائون، ان کان وُضو (۾ استعمال ٿيل پاڻي) جا قطرا ٽِمي رهيا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: "اي پُٽ! ماءُ پيءُ جي نافرماني کان توبهہ ڪر، ان فورًا عرض ڪيو: مون توبهہ ڪئي، هڪ ٻئي شخص کي وضو (۾ استعمال ٿيڻ واري

پاڻي) جا قطرا ٽِمندي ڏسي پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ان شخص کي فرمايو: اي منهنجا پياءَ تون زنا کان توبهہ ڪر، ان عرض ڪيو: مون توبهہ ڪئي، ۽ هڪ ٻئي شخص جي وضو جا قطرا ٽِمندي ڏٺا تہ ان کي فرمايو: شراب پيئڻ ۽ ڳائڻ وڄائڻ ٻُڌڻ کان توبهہ ڪر. ان عرض ڪيو: مون توبهہ ڪئي، اِمامِ اَعظَم اَبُو حَنِيفه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي ڪَشف سبب ماڻهن جا عَيبَ ظاهر ٿي ويندا هئا. تنهنڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بارگاهِ خداوندي ۾ ڪَشف ختم ٿيڻ جي دعا گُهريائون، الله پاڪ سندن دعا قبول فرمائي، جنهن سان ڪين وُضو ڪرڻ وارن جا گناهہ ڇڻندي نظر اچڻ بند ٿي ويا.

(الميزان الڪبريٰ ج 1 ص 130)

## ڄاڻي واڻي ڪنهن جا عيب معلوم ڪرڻ ڪيئن؟

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! ڪروڙن حنفين جا پيشوا امام اعظم، حضرت ابوحنيفہ نعمان بن ثابت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي نگاهہ ماڻهن جا وضو جي ذريعي ڇڻڻ وارا گناهہ ڏسي وٺندي هئي! بيشڪ اها سندن عظيم ڪرامت هئي، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ماڻهن جي عيبن تي باخبر ٿيڻ ناپسند هيو ۽ دعا جي ذريعي پنهنجو هي ڪشف ختم ڪرائي ڇڏيو! هتي اهي ماڻهو عبرت حاصل ڪن جيڪي امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي محبت جي دعوا تہ ڪن ٿا پر زبردستي اُبتا سُبتا سوال (CROSS QUESTIONS) ڪري ماڻهن جي عيبن جي کوجنا ۾ رهندا آهن، ياد رکو! بنا مصلحت شرعي ڄاڻي واڻي ڪنهن مسلمان جو عيب معلوم ڪرڻ گناهہ ۽ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. دعوت اسلامي جي

مڪتبة المدينہ جي ترجمي واري قرآن ”ڪنزالايمان مع خزائن العرفان“ صفحي 950 تي 26 سيپاري ۾ سورة الحُجُرات آيت نمبر 12 ۾ الله پاڪ جو مبارڪ ارشاد آهي:

وَلَا تَجَسَّسُوْا ترجمو ڪنزالايمان: ۽ عيب تلاش نہ ڪريو

## عالم جي غلطي بيان ڪرڻ ٻن سببن جي ڪري حرام آهي

۽ جيڪڏهن ان عيب کي ٻين تي ظاهر ڪيو ۽ ان کي خبر پئي تہ هي فلاڻي جو عيب آهي تہ هي هڪ گناهہ ٿيو، جيڪڏهن اهو عيب ڪنهن عالمِ دين جو هو ۽ ان کي ظاهر ڪيو تہ گناهہ ۾ وڏيڪ اضافو ٿيندو. حُجَّةُ الاِسلام حضرت امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيمياءِ سعادت ۾ نقل فرمائن ٿا: عالم جي غلطي بيان ڪرڻ ٻن سببن جي ڪري حرام آهي، هڪ تہ اها غيبت آهي، ٻي ان ڪري جو ماڻهن ۾ جُرئت پيدا ٿيندي ۽ هو ان کي دليل بڻائي ان جي پيروي ڪندا (يعني ٻيباڪي سان اهڙيون غلطيون ڪندا) ۽ شيطان بہ ان (غلطين ۾ پيروي ڪرڻ واري) جي مدد لاءِ ڪوشش ڪندو ۽ (گناهن تي دلير بڻائڻ جي لاءِ) ان کي چوندو تہ تون (بہ ائين ڪر) فلاڻي عالم کان وڌو پرهيزگار تہ نہ آهين. (ڪيمياءِ سعادت ج 1 ص 410) جيترن وڌيڪ ماڻهن کي ان جي خطا تي ڄاڻ ڏيندو، گناهن ۾ اضافو ٿيندو ويندو، مسلمان کي کپي تہ ماڻهن جا عيب ڄاڻڻ کان بچي جيڪڏهن ڪو ٻڌائڻ لڳي تڏهن بہ ٻُڌڻ کان پاڻ کي بچائي بالفرض ڪنهن جو عيب نظر اچي

ويو يا معلوم ٿي ويو تہ ان ڪي لڪائي، بلامصلحت شرعي هرگز ڪنهن تي ظاهر نہ ڪري.

## عيب لڪائڻ جي باري ۾ 3 فرامين مصطفيٰ ﷺ

عيب لڪائڻ جي حوالي سان **3 فرامين مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمايو: ﴿1﴾ جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيب پوشي ڪندو الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي عيب پوشي فرمائيندو ۽ جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جو عيب ظاهر ڪندو الله پاڪ ان جو عيب ظاهر ڪندو ايستائين جو ان ڪي ان جي گهر ۾ رسوا ڪري ڇڏيندو. (ابن ماجہ ج 3 ص 219 حديث 2546)
﴿2﴾ جيڪو ڪنهن مسلمان جي تڪليف پري ڪري الله پاڪ قيامت جي تڪليفن مان ان جون تڪليفون پري فرمائيندو ۽ جيڪو مسلمان جي عيب پوشي ڪري تہ خداءِ ستّار قيامت جي ڏينهن ان جي عيب پوشي فرمائيندو. (مسلم حديث 6580 ص 1394)
﴿3﴾ جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جو عيب ڏسي ان جي پردا پوشي ڪري تہ اهو جنت ۾ داخل ڪيو ويندو.
(مُسند عبد بن حميد ص 279 حديث 885)

## عيب ڳولڻ جا 59 مثال

هتي جيڪي مثال ڏئي رهيا آهيون ان ۾ عيبن جي ڳولها سان گڏوگڏ ضمناً غيبتون، تهمتون، ۽ بدگمانيون وغيره بہ شامل آهن، اڪثر اهڙا مثال آهن جنهن ۾ نيّت سان احڪام مرتب ٿيندا، مثلاً نوڪر رکڻ، شراڪت داري (يعني پارٽنرشپ ڪرڻ) يا

ڪٿي شادي جو ارادو آهي تہ حسب ضرورت معلومات ڪرڻ گناهہ ناهي بلڪ اهڙي طرح جي معاملن ۾ جنهن ڪان پڇيو ويو ان تي واجب آهي تہ درست ڳالهہ ٻڌائي ۽ جيڪڏهن ان قسم جي معاملن جي ڪري سوال نہ ڪيو ويو هجي تہ غيبتن ۽ تهمتن جي ذريعي پنهنجي لاءِ جهنم ۾ وڃڻ جو سامان ڪرڻ جي بدران عيب پوشي ڪان ڪم وٺي جنت جو حقدار ٿجي، پر عام طور تي طرح طرح جي سوالن ذريعي عيبن جي ڪوجنا (يعني عيبن جي معلومات ۽ جانچڻ) ۾ ھي نيّت نہ هوندي آهي، بس ماٺهو خوامخواهہ پڇندا رهندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بہ گناهن ۾ پوندا ۽ بار بار جواب ڏيڻ واري کي بہ گنهگار ڪري ڇڏيندا آهن.

۞ ڪنهن گهر ڪرائي تي ورتو تہ پڇا ڪرڻ: گهر جو مالڪ ڪيئن آهي؟ هي سوال حقيقت ۾ گناهہ نہ سهي پر ڪيئي گناهن جو سبب ٻڻجي سگهي ٿو، مثلاً ڪرائي دار جواب ۾ چيو: معاملن جو صاف نہ آهي، گهٽو بداخلاق ۽ ڪنجوس آهي، ائين ان جا ٿي عيب کوليا، اهي بہ جيڪڏهن ان ۾ موجود هجن تڏهن ئي عيب چئبا ۽ هاڻي اهو ٻڌائڻ ٿي غيبتون ٿيون نہ تہ تهمتون، ۽ جيڪڏهن صرف انهيءَ ڪري پڇا ڪئي تہ گهر جي مالڪ جا عيب معلوم ٿين تہ هاڻي هي ”عيب ڳولڻ“ ٿيو جيڪو گناهہ، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

۞ ڪنهن گهر ڪرائي تي ڏنو تہ پڇا ڪرڻ: ڪرايي دار ڪيئن آهي؟ هي سوال حقيقت ۾ گناهہ نہ نہ آهي پر ڪيئي گناهن جو

سبب بڻجي سگهي ٿو مثلاً گهر جي مالڪ جواب ۾ چيو: وڏو ڏوڪيباز آهي، ڪڏهن وقت تي ڪرايو ناهي ڏنو، هرويرو جي پچ ڊاهہ ڪري گهر جو نقشو ئي بدلي ڇڏيو آهي ائين ان جا ٿي عيب کوليا اهي بہ جيڪڏهن ان ۾ موجود هجن تڏهن ئي عيب چورائبا ۽ هاڻي اهو ٻڌائڻ ٿي غيبتون ٿيون نہ تہ تهمتون.

۞ اوهان جو نئون نوڪر صحيح ڪم ڪري ٿو يا نہ؟ هي بہ بنا اجازت شرعي پڇڻ عيب ڳولڻ آهي ۽ ان سوال جي جواب ۾ پورو خطرو آهي تہ جنهن کان پڇيو ويو اهو نوڪر جي باري ۾ ڪم چور آهي، حرام خور آهي، وغيره چئي گنهگار ٿي وڃي.

۞ رات دير تائين جاڳندا رهو ٿا، فجر بہ پڙهندا آهيو يا نہ؟

۞ اوهان نماز پڙهندا آهيو يا نہ؟

۞ اوهان جا والد صاحب نمازي آهن يا نہ؟

۞ تو اجا تائين نوان ڪپڙا ناهن پاتا! عيد جي نماز بہ اٿئي يا نہ؟

۞ رمضان جي مهيني ۾ ڪنهن کان پڇڻ: واهہ سائين! اڄ وڏا فريش (fresh يعني چست) لڳي رهيا آهيو! روزو بہ رکيو اٿوَ يا نہ؟

۞ هن ڀيري رمضانُ المُبارڪ ۾ اوهان ڪيترا روزا رکيا؟

۞ ڪا تراويح ڇڏي تہ نہ؟

۞ توهان پوري زڪواة ڪڍو ٿا يا نہ؟

۞ اوهان جي زال شريف تہ آهي نہ؟ ۞ وڙهي تہ نٿي؟ (اهڙا ئي سوال عورتن ۾ ”مڙس“ جي باري ۾ عيبن ڪي تلاش ڪرڻ وارا آهن) شادي شده ڌيءَ جي ماءُ کان پڇڻ: اوهان جي ڌيءُ جي سَسُ سٺي آهي يا نہ؟ ۞ وڙهي تہ نٿي؟ ۞ ماني ڏي ٿي يا نہ؟ ۞ ڌيءُ کي ستائي تہ نٿي؟ ۞ پنهنجي پُٽ جا ڪن تہ نٿي ڀري؟ ۞ اها

جيڪا ان جي طلاقيل نٽان گهر ۾ ويٺي آهي اها مسئلو تہ نٿي ڪري ۞ پٽ جي شادي ڪان پوءِ ان جي ماءُ ڪان پڇڻ هاڻي پٽ اوهان جو خيال رکي ٿو يا نہ؟ ۞ پهريان جيان پگهار ڪٽي هٿ ۾ رکي ٿو يا پنهنجي زال جي حوالي ڪري ٿو؟ ۞ نُنهن ڪارو علم ڪري پنهنجي طرف تہ ناهي ڪيو؟ ننهن چڱيءَ آهي يا نہ؟ ۞ تعويذ ڏاڳو تہ نٿي ڪرائي ۞ زبان دراز تہ ناهي؟ ۞ اوهان جي عزت ڪري ٿي يا نہ؟

۞ انهيءَ ڏينهن فلاڻي جي گهر مان تيز گفتگو جو آواز اچي رهيو هو ڪير ڪير وڙهي رهيا هئا؟

۞ هائو ادا! ان جو مڙس وڏو ظالم آهي، ڪٿي ويچاري کي بي قصور مار ڪُٽ تہ نٿو ڪري؟

۞ گهوٽ کان پڇڻ: سهري صاحب ڏاج ۾ بُخل کان تہ ڪم نہ ورتو؟

۞ ان ڏينهن وڏو نهي نڪي ساهرن ۾ پهتي هُئين، سُهري لفٽ بہ ڪرائي يا نہ؟ ۞ صحيح طريقي سان آڌر ڀاءُ ڪيائين يا نہ؟ ۞ شادي شده اسلامي ڀاءُ کان سوال ڪرڻ: اوهان جي ٻارن جي ماءُ پنج وقت جي نمازي آهي يا نہ؟ ۞ اوهان جي ڀائرن کان پردو ڪري ٿي يا نہ؟ ۞ بي پرده تہ نٿي گهمي؟

۞ اوهان جو باس (Boos سيٺ) صحيح ماڻهو آهي يا نہ؟ ۞ ڪنجوس تہ ناهي؟ ۞ بداخلاق تہ ناهي؟ ۞ نوڪرن کي گاريون تہ نٿو ڏي؟ ۞ شاگرد کان بنا حاجت پڇڻ: اوهان جا فلاڻا استاد صاحب ڪيئن پڙهائن ٿا؟ ۞ انهن جو پڙهائڻ ڪجھ

سمجهہ ۾ ايندو آهي يا نہ؟ ۞ ڪنهن وٽ مهمان ٿيو، هاڻي ان ڪان اهو پڇڻ: ها ادا! ان جي ميزباني جو مزو اچي رهيو آهي يا نہ؟ ۞ ان کي مهمان نوازي ڪرڻ وارو ڏنو يا نہ؟ ۞ دعوت اسلامي جي فلاڻي حلقي جي مشاورت جو نئون نگران اوهان کي ڪيئن لڳو؟ ۞ اسلامي ڀائرن کي دڙڪا ڏي ٿو يا نہ؟ نگران ڪان پڇڻ: فلاڻو مبلغ اوهان جي اطاعت ڪري ٿو يا پنهنجي هلائي ٿو؟ ۞ فلان ذميدار کي تنظيمي ذميداري تان هٽايو ويو، ڇا ان جو ڪردار ڪمزور هو؟ ۞ فلاڻي مدرس يا ناظم کي فارغ ڪيو ويو ان ڪهڙي گڙبڙ ڪئي هئي؟ ۞ ڪنهن مبلغ ڪان پڇڻ: سچ سچ ٻڌايو اوهان اڄ جو بيان پنهنجي واهہ واهہ ڪرڻ جي لاءِ ڪيو يا رضاءِ الٰهي جي خاطر؟ ۞ ڪنهن محفلِ نعت ۾ غير حاضر رهڻ واري نعت خوان ڪان پڇڻ: فلاڻي جڳهہ توهان نعت خواني ۾ انهي ڪري نہ آيا هئا تہ هتي ڪجهہ نہ ملندو؟ ۞ اوهان صرف مدني چينل ڏسو ٿا يا ٻيا گناهن ڀريا پروگرام بہ ڏسي وٺو ٿا؟ ۞ فلمون ڊراما تہ نٿا ڏسو؟

۞ فلان آفيسر اوهان جو ڪم فري ۾ ئي ڪيو آهي نہ؟ پيسا ڏوڪڙ تہ نہ گهريا؟

۞ فلان جي گاڏي سان ٽڪرائجي اوهان زخمي ٿيا قصور ان جو هو يا اوهان جو ۞ فلان ڊاڪٽر صحيح طرح چيڪ ڪيو بہ يا مفت ۾ فيس وصول ڪئي؟

۞ طلاق ڏيڻ واري دوست ڪان پڇڻ: يار! تو ان ڪي طلاق ڇو ڏني؟ (ان سوال سان عام طور نيڪ ناڪ گناهن جو دروازو کلندو آهي)
۞ (هريرو پڇڻ) اهو دوڪاندار ڪيئن آهي؟
۞ نڳ تہ ناهي؟ ۞ ڦري تہ نتو؟ (يعني مال گهٽو مهانگو تہ نتو وڪٽي؟)
۞اهو ڏسڻ ۾ تہ وڏو شريف لڳي ٿو! اوهان ڪي خبر آهي ڪٿي ويڙهو تہ ناهي؟
۞اوهان جو نئون پاڙي وارو ڪيئن آهي؟ بچي رهجو اهو صحيح ماڻهو نتو لڳي؟

کسی کی خامیاں دیکھیں نہ میری آنکھیں اور
سنیں نہ کان بھی عیبوں کا تذکرہ یارب

(وسائل بخشش ص 99)

آمین بِجاہِ خاتَمِ النَّبِیّین صَلَّی اللهُ عَلَیهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مٺن ٻولن دل جي دنيا بدلي ڇڏي

پيارا اسلامي ڀائرو! فضول سوالن ۽ ماڻهن جي عيبن جي ڳولها ۽ معلومات جي مَنحوس عادت ڪڍڻ، ڪير ڪنهن جا عيب بيان ڪرڻ لڳي تہ ان ڪي حڪمت عملي سان ٽارڻ ۽ ڪوشش ڪري ان مان عيب ڪولڻ جي بري عادت مٽائڻ جو جذبو ماڻڻ، غيبتن چغلين ۽ بدگمانين ڪان بچڻ ۽ بچائڻ وغيره جي ڪوشش جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي

لاءِ ڪڙهندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندي نيڪ اعمال جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو ”جائزو“ وٺي نيڪ اعمال جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ جي اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ پنهنجي هن مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي حصول خاطر پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو: باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جو ڪجهہ هيئن بيان آهي: نيڪ صحبت کان پري ٿيڻ جي ڪري ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ ۽ فلمون ڊراما ڏسڻ جهڙن گناهن ۾ غرق ٿيل هئس، منهنجي زندگي جا ڏينهن رات نافرمانين ۾ گذري رهيا هئا، منهنجي بهتري جو سبب هي بڻيو تہ هڪ ڏينهن پنهنجي علائقي جي هڪ عاشق رسول مبلغ دعوت اسلامي سان منهنجي ملاقات ٿي، سلام مصافحي کان پوءِ نهايت سهڻي انداز سان انهن پنهنجو تعارف پيش ڪري مون کان منهنجو نالو وغيره بہ معلوم ڪيو ۽ پنهنجي مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي تحت انفرادي ڪوشش ڪندي نيڪين جي رغبت ۽ گناهن سان نفرت جو ذهن ڏيڻ شروع ڪيو ۽ ان ضمن ۾ دعوت اسلامي جي مبلغن جي سنتن ڀريي

بيانن جي برڪت سان ظاهر ٿيڻ واري حيرت انگيز مدني بهارون ترغيب جي لاءِ ٻڌايون، ان جي شيرين مقالي يعني مٺين مٺين ڳالهين منهنجي دل جي دنيا ئي بدلي ڇڏي ۽ مان دعوت اسلامي جي مشڪبار ديني ماحول سان سڄي زندگي جي لاءِ وابستہ ٿي ويس، اَلحَمدلله ديني ماحول جي برڪت سان گناهن سان نفرت، نيڪين سان محبت ۽ نمازن جي پابندي جي سعادت نصيب ٿي ۽ حُقُوقُ الله سان گڏوگڏ حُقُوقُ العِباد جي ادائگي جو ذهن بہ ٻڌجي ويو.

ہے فلاح و کامرانی نرمی و آسانی میں ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں
ڈوب سکتی ہی نہیں موجوں کی طغیانی میں جس کی کَشتی ہو محمد کی نگہبانی میں

## نرمي جي اهميت

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي ”مٺن ٻولن“ ۾ وڏي تاثير هوندي آهي ۽ ان سان پٿر دل بہ پگھرجي نرم ٿي ويندا آهن تنهنڪري انفرادي ڪوشش ڪندي هميشہ نرمي کي پيشِ نظر رکو، دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 1197 صفحن جي ڪتاب ”بهارشريعت“ جلد 3 صفحي 572 تي حديث شريف آهي: جيڪو نرمي کان محروم ٿيو خير (يعني ڀلائي) کان محروم ٿيو. (صحيح مُسلم ص 1398 حديث 75-(2592))

الٰہی حُسن اخلاق اور نرمی کی سعادت دے
گناہوں پر ندامت دے،صداقت دے شرافت دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## فرعون ڏانهن نيڪي جي دعوت موڪلڻ تي نرمي جو حڪم

جيڪڏهن ديني ماحول واري يا واريءَ جي مزاج ۾ ڪاوڙ، چڙ چڙائپ ۽ بداخلاقي هوندي تہ ڪاميابي مشڪل آهي، تنهنڪري پنهنجا اخلاق درست ڪيو ۽ ائين بہ جنهن کي دعوت اسلامي جي مدني ڪمن جي ڏُن هجي ان جي لاءِ ٿڌي مزاج جو هجڻ ضروري آهي جو اجائي سختي سان ڪيئي پيرا ڪم ٺيندي ٺيندي بگڙجي ويندو آهي، نرمي جي اهميت کي هن حڪايت مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو جيئن منقول آهي تہ ڪنهن شخص مامُون الرَّشيد تي اِحتِساب ڪيو (يعني ڪنهن خطا تي ٽوڪيو) ۽ ان سان سختي سان گفتگو ڪئي تہ مامون الرشيد چيو: اي جوان مرد! حق تعالیٰ تون کان بهتر شخص کي جڏهن مون کان بدتر شخص ڏانهن موڪليو تہ ان کي حڪم ڏنو تہ ان سان نرمي سان ڳالهہ ڪيو، يعني حضرت موسیٰ ۽ هارون عليهما السَّلام کي (جيڪي تون کان بهتر هئا) فرعون (جيڪو مون کان بدتر هو) وٽ موڪليو تہ فرمايو:

فَقُوۡلَا لَهٗ قَوۡلًا لَّيِّنًا

(پ 16 طٰہٰ 44)

**ترجموڪنزالايمان**: پوءِ ان سان نرمي سان ڳالهائجو.

(اتحافُ السادة للزبيدي ج 8 ص 104 ملخصاً)

## شرابي کي پوليس جي حوالي ڪرڻ ڪيئن؟

صحابي رسول حضرت عُقبہ بن عامر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جا ڪاتب حضرت ابو هَيۡثَم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: مون حضرت عُقبہ بن عامر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کي عرض ڪيو: منهنجي پاڙيسري شراب نوشي ڪري ٿو ۽

مان پوليس کي گهرائي ان کي گرفتار ڪرائڻ چاهيان ٿو، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايو: ائين نہ ڪيو، انهيءَ کي وعظ ۽ نصيحت ڪر، عرض ڪيائين: مون ان کي منع ڪيو پر اهو نٿو مڙي (تہ هاڻي) مان پوليس جي ذريعي ان کي پڪڙائڻ چاهيان ٿو، هي ٻڌي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايو: ائين نہ ڪر، بيشڪ مون حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ارشاد فرمائيندو ٻڌو: جنهن ڪنهن جو عيب لڪايو ڄڻ ان زنده درگور (يعني قبر ۾ پوري وجهڻ واري) ڇوڪريءَ کي ان جي قبر ۾ زنده ڪيو (يعني ان جي جان بچائي)
(الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج 1 ص 367 حديث 518)

پيارا اسلامي ڀائرو! شراب پيئڻ بيشڪ تمام وڏو گناھ آهي پر جيڪو لڪي ڪري ائين ڪندو آهي ان کي نيڪي جي دعوت ڏئي توبہ جي لاءِ آماده ڪيو وڃي، پر ان جي پرده پوشي لازمي آهي.

## (1) شراب خودبخود سِرڪو بڻجي ويو! ڪيئن؟

پيارا اسلامي ڀائرو! شرابي جي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ خرابي آهي ان کي توبہ ڪرڻ گهرجي، عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 132 صفحن جي ڪتاب ”توبہ کی روایات و حکایت“ ۾ بيان ڪيل بہ ايمان افروز حڪايتون ضروري ترميم سان پيش ڪجن ٿيون: امير المؤمنين، حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هڪ ڀيري مديني منورہ جي هڪ پاڪ گهٽي مان گذري رهيا هئا تہ هڪ نوجوان سامهون آيو ان ڪپڙن ۾ هڪ بوتل لڪائي رکي هئي، حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پڇا

ڪئي: اي نوجوان! هي ڪپڙن جي هينان ڇا آهي؟ ان بوتل ۾ شراب هيو، نوجوان کي شراب بابت ٻڌائڻ جي همٿ نہ ٿي، ان دل ۾ دعا ڪئي: يا اللّٰه پاڪ! حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي سامهون مون کي شرمندو ۽ رسوا نہ فرماءِ، انهن جي سامهون منهنجي پردا پوشي فرماءِ، مان توبہ ڪيان ٿو، آئنده ڪڏهن بہ شراب نہ پيئندس، ان کان پوءِ نوجوان عرض ڪيو: يا اميرَ المُؤمِنين! مان سرڪي (جي بوتل) کنئي آهي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: مون کي ڏيکاريو! جڏهن ان اها بوتل سندن سامهون پيش ڪئي ۽ حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ان کي ڏٺو تہ اهو واقعي سِرڪو هو. (مڪاشفة القلوب ص 27-28) **اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

آمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## (2) شرابي نوجوان ولايت جي منزل تي

سبحٰن اللّٰه ! توبہ جي ڇا خوب بهار آهي جو توبہ جي برڪت سان شراب "سِرڪي" ۾ تبديل ٿي ويو! هڪ بي شرابي نوجوان جي حڪايت ٻڌو، جنهن توبہ ڪري تمام وڏو مرتبو حاصل ڪيو، حضرت عُتبةُ الغلام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نوجوان هئا ۽ (توبہ کان پهريان) فِسق ۽ فجور ۽ شراب نوشي ۾ مشهور هئا، هڪ ڏينهن حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مجلس ۾ آيا، حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت شريف جي تفسير بيان ڪري رهيا هئا:

اَلَمْ يَاْنِ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْ تَخْشَعَ قُلُوْبُهُمْ لِذِكْرِ اللّٰهِ (پ 27 الحديد 16)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ڇا ايمان وارن جي واسطي اڃا اهو وقت نہ آيو جو انهن جون دليون جُهڪي وڃن اللّٰه جي ياد (جي لاءِ)

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ايڏو تہ اثرائتو بيان فرمايو جو ماڻهون زاروقطار روئڻ لڳا، هڪ نوجوان بيهي چوڻ لڳو: ياسيدي! ڇا الله تعالٰي مون جهڙي فاسِق ۽ فاجر جي توبہ قبول ڪندو جڏهن مان توبہ ڪيان؟ حسن بصري فرمايو: بيشڪ الله تعالٰي تنهنجي توبہ قبول فرمائيندو، جڏهن عُتبةُ الغلام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هي ڳالهہ ٻڌي تہ سندن چهرو پيلو ٿي ويو، سڄو بدن ڏڪڻ لڳو، رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ بيهوش ٿي ڪري پيو، جڏهن هوش ۾ آيو تہ حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سندن ويجهو اچي هي شعر پڙهيا:

اَيَا شَابًّا لِّرَبِّ الْعَرْشِ عَاصِیْ

اَتَدْرِیْ مَاجَزَاءُ ذَوِی الْمَعَاصِیْ

(اي رب العرش جي نافرماني ڪرڻ وارا نوجوان ! ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ گنهگارن جي سزا ڇا آهي)

سَعِيْرٌ لِّلْعُصَاةِ لَهَا زَفِيْرٌ

وَغَيْظٌ يَوْمٍ يُؤْخَذُ بِالنَّوَاصِیْ

(نافرمانن جي لاءِ گرجڻ وارو جهنم آهي جنهن ۾ گرج ٿيندي ۽ جنهن ڏينهن پيشانين سان پڪڙيا ويندا، ان ڏينهن غضب ٿيندو)

فَاِنْ تَصْبِرْ عَلَى النِّيْرَانِ فَاعْصِهٖ

وَاِلَّا كُنْ عَنِ الْعِصْيَانِ قَاصِیْ

(پس جيڪڏهن تو باهہ تي صبر ڪري سگهين تہ نافرماني ڪري وٺ، نہ تہ نافرماني کان پري ٿي وڃ)

وَفِيْمَا قَدْ كَسَبْتَ مِنَ الْخَطَايَا

رَهِنْتَ النَّفْسَ فَاجْهَدْ فِی الْخَلَاصِیْ

(تو جيڪي گناهہ ڪيا آهن ان ۾ تو پنهنجي نفس کي قاسائي ڇڏيو، تہ هاڻي نجات جي لاءِ ڪوشش ڪر)

**عُتبَۃُ الغُلام** رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه تي رقت طاري هئي، جڏهن ڪجهہ هوش آيو تہ چوڻ لڳو: اي شيخ! ڇا مون جهڙي ڪميڻي جي توبہ بہ رب رحيم قبول فرمائيندو؟ شيخ فرمايو: ڇونہ، اللّٰہ پاڪ پنهنجي گنهگار ٻانهي جي توبہ ۽ معافي قبول فرمائيندو آهي، پوءِ حضرت **عُتبَۃُ الغلام** رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه ٽي دعائون ڪيون:

﴿1﴾ اي منهنجا اللّٰہ پاڪ جيڪڏهن تو منهنجي توبہ قبول ڪري ورتي ۽ منهنجا گناهہ معاف فرمايا آهن تہ مون کي اهڙي فَهم (يعني سمجهداري) ۽ ياداشت عنايت ڪر جو دين جا علم ۽ قرآن ڪريم مان جيڪو ٻڌان حِفظ (يعني ياد) ٿي وڃي ﴿2﴾ اي اللّٰہ پاڪ! مون کي پُرسوز آواز جي اعزاز سان نواز جيڪڏهن ڪو پٿر دل بہ منهنجي قِراءَت ٻڌي تہ ان جي دل بہ نرم ٿي وڃي ﴿3﴾ اي اللّٰہ پاڪ! رزق حلال عطا فرماءِ ۽ اتان روزي عطا فرماءِ جنهن جو مون کي گمان بہ نہ هجي، اللّٰہ تعالٰي سندن جون ٽيئي دعائون قبول فرمايائون، سندن حافظو خوب مضبوط ٿي ويو، جڏهن هُو قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندو هيو تہ سندن تلاوت ٻڌي ڪري گنهگار تائب ٿي ويندا هئا، سندن گهر ۾ روزانو ٻوڙ جو هڪ پيالو ۽ ٻہ مانيون رکيل هونديون هيون ۽ خبر نہ پوندي هئي تہ ڪير ٿو رکي وڃي، انهيءَ حالت ۾ سندن جو انتقال ٿيو. (مڪاشفة القلوب ص 28 29) **اللّٰہ پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

آمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## سون جي منڊي پائڻ واري جي اصلاح

اسان جا بزرگان دين رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡهِم پنهنجي ملڻ وارن جي اصلاح جي ڪوشش ۾ رهندا هئا جيئن دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي جي 561 صفحن جي ڪتاب ”ملفوظات اعليٰ حضرت“ صفحي 309 تي ڏنل مضمون جو خلاصو آهي: عصر جي نماز کان پوءِ پُرڪيف منظر هو، ويجهي پري کان آيل ماڻهو اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي هڪ سچي عاشق رسول جي زيارت ۽ ملاقات سان پنهنجي دلين کي منور ڪري رهيا هئا، ايتري ۾ هڪ شخص سون جي منڊي پائي حاضر ٿيو تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه نَهۡیٌ عَنِ الۡمُنۡكَر (يعني برائي کان روڪڻ) جو فريضو ادا ڪندي ڪجھ ائين ارشاد فرمايو: مرد کي سون پائڻ حرام آهي صرف هڪ ٻُڙي واري چاندي جي منڊي جيڪا ساڍي چار ماشا (يعني چار گرام 374 ملي گرام) کان گھٽ هجي ان جي اجازت آهي، جيڪو (مرد) سون، ٽامي يا پيتل وغيره ڪنهن بہ ڌات (Metal) جي منڊي پائي يا چاندي جي ساڍا چار ماشا يا ان کان وڌيڪ وزن جي هڪ منڊي پائي يا ڪيئي منڊيون پائي جيتوڻيڪ سڀ ملي ڪري ساڍا چار ماشا کان گھٽ هجن تہ ان جي نماز مڪروه تحريمي آهي. (ماخوذ از ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ص 309) يعني جنهن جو اعادو (يعني ورائي پڙهڻ) واجب آهي، فقهاءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡهِم فرمائن ٿا: جنهن شيءِ جو بانهي کي حڪم آهي ان کي بجا آڻڻ ۾ ڪا خرابي پيدا ٿي وڃي تہ ان جي خرابي پري ڪرڻ جي لاءِ اهو عمل ٻيهر ادا ڪرڻ اِعادو

چورائيندو آهي. (دُرمختار و ردالمحتار ج 2 ص 629) **اللہ پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

آمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪاش! اسان بہ گناهن کان بچائڻ وارا بڻجون

ڪاش! اسان سڀ غلامان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ ”نيڪي جي دعوت“ ڏيڻ ۽ ماڻهن کي گناهن کان پري رکڻ جي معاملي ۾ هر وقت تيار رهون، اهو ياد رکو تہ جيڪڏهن ڪو شخص ناجائز مندي يا ڪنهن ذات جو چلو يا ڳچي ۾ ڪا ذات جي زنجير پاتي آهي ۽ ڏسڻ واري کي يقين آهي تہ منع ڪندس تہ هي مڃي وٺندو تہ ان تي منع ڪرڻ واجب آهي منع نہ ڪندو تہ گنهگار ٿيندو، **دعوت اسلامي** جي مڪتبة المدينہ جي 1197 صفحن جي ڪتاب بهار شريعت (جلد 3) صفحي 424 تان پهريان ٻہ حديثون ملاحظ فرمايو، ان کان پوءِ مندي متعلق نيڪي جي دعوت جي باري ۾ ڪجھ وڏيڪ مدني گل قبول فرمايو:

### (1) سون جي مندي... ٽانڊو

صحيح مسلم ۾ عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ شخص جي هٿ ۾ سون جي مندي ڏٺي تہ ان کي لاهي اڇلائي ڇڏي، ۽ هي فرمايو تہ ڇا ڪو پنهنجي هٿ ۾ ٽانڊو رکندو آهي! جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف وٺي ويا ڪنهن ان کي چيو: پنهنجي مندي کڻي وٺ (۽ پائڻ بدران) ڪنهن ٻي ڪم ۾ آڻجان، انهن چيو خدا جو قسم!

مان ان کي ڪڍُهن نہ ڪٽندس جڏهن تہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي اڇلايو آهي. (صحيح مُسلم ص 1157 حديث 2090)

## (2) بتن ۾ جهنمين جو زيور

ترمذي، ابوداؤد ۽ نسائي بُرَيده رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت ڪئي آهي تہ هڪ شخص پِتل جي منڊي پائي حاضر ٿيو تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا ڳالھ آهي جو تومان بُت جي بوءِ اچي ٿي؟ ان اها منڊي لاهي اڇلائي ڇڏي، پوءِ لوھ جي منڊي پائي ڪري حاضر ٿيو. فرمايائون: ڇا ڳالھ آهي جو تو جهنمين جو زيور پاتو آهي؟ ان هن کي بہ اڇلائي ڇڏيو پوءِ عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن شيء جي منڊي نهرايان؟ فرمايائون: چانديءَ جي نهراءِ ۽ هڪ مِثقال پورو نہ ڪر. (يعني ساڍن چئن ماشن کان گهٽ وزن جي هجي). (سنن ابي داؤد ج 4 ص 122 حديث 4223)

## منڊي پائڻ جا ضروري احڪام

مرد کي سون جي منڊي پائڻ حرام آهي. سروَرِ ذيشان، رحمتِ عالمِيان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سون جي منڊي پائڻ کان منع فرمايو آهي. (بخاري ج 4 ص67 حديث 5863) ۞ (نابالغ) ڇوڪر کي سون جا زيور پارائڻ حرام آهي ۽ جنهن پارايا اهو گنهگار ٿيندو، ائين ٻارن جي هٿ پيرن تي بلا ضرورت ميندي لڳائڻ ناجائز آهي، عورت پنهنجي هٿن پيرن تي ميندي لڳائي سگهي ٿي، پر ڇوڪرن کي لڳائيندي تہ گنهگار ٿيندي. (بهار شريعت ج 3 ص 428، درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 598) ڇوڪرين جي هٿن تي ميندي لڳائڻ ۾ حرج ناهي

۞ لوھ جي منڊي جهنّمين جو زيور آهي. (ترمذي ج 3 ص 305 حديث 1792)

۞ مرد جي لاءِ اها مندي جائز آهي جيڪا مردن جي منديءَ وانگر هجي يعني هڪ نگيني جي هجي ۽ جيڪڏهن ان ۾ (هڪ ڪان وڏيڪ يا) گهڻا نگينا هجن تہ پوءِ ڪٽي چانديءَ جي هجي مَردن لاءِ ناجائز آهي. (ردالمحتار ج 9 ص 597) ۞ بغير نگيني واري مندي پائڻ ناجائز آهي جو هي منديءَ ناهي، چلو آهي ۞ حُروفِ مُقَطَّعَات واري مندي پائڻ جائز آهي پر حُروفِ مُقَطَّعَات واري مندي بغير وضو پائڻ ۽ هٿ لڳائڻ يا مصافحو ڪندي وقت هٿ ملائڻ واري جو مندي کي بي وضو هٿ لڳائڻ جائز ناهي ۞ ائين هڪ کان وڌيڪ (جائز) مندي پائڻ يا (هڪ يا هڪ کان وڌيڪ) چلو پائڻ بہ ناجائز آهي جو هي (چلو) مندي ناهي، عورتون چلو پائي سگهن ٿيون . (بهارشريعت ج 3 ص 428) ۞ چانديءَ جي هڪ مندي هڪ نگ واري جيڪا وزن ۾ ساڍا چار ماشہ (يعني چار گرام 374 ملي گرام) کان گهٽ هجي پائڻ جائز آهي جيتوڻيڪ مُهر (يعني ٺپي جي لاءِ نہ هجي پر ان جو ترڪ(يعني جنهن کي اسٽامپ جي ضرورت نہ هجي ان جي لاءِ جائز مندي بہ نہ پائڻ) افضل آهي(جنهن کي منديءَ سان اسٽامپ لڳائڻي هجي) مُهَر جي غرض کان نہ صرف جائز بلڪ سنت آهي، ها تڪبُّر جي نيت سان نہ رڳو منديءَ ئي پر انهيءَ نيّت سان سنا ڪپڙا پائڻ بہ جائز ناهن. (فتاويٰ رضويه ج 22 ص 141) ۞ عيدن تي مندي پائڻ مُستَحب آهي . (بهار شريعت ج 1 ص 779، 780 بتصرف) پر مرد اها ئي جائز مندي پائي ۞ مندي انهن لاءِ سنّت آهي جن کي مُهَر (يعني اسٽامپ Stamp لڳائڻ) جي حاجت هجي جيئن سلطان، قاضي ۽ عالم جيڪي فَتوَن تي (منديءَ سان) اسٽامپ

لڳائڻ ٺاهہ ان کان علاوه ٻين جي لاءِ جنهن کي مهر جي حاجت نہ هجي سنّت ناهي، البت پائڻ جائز آهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 335)

۞ اڄڪلهہ منڊي سان نيو لڳائڻ جو عرف (يعني رواج) ناهي، بلڪ ان لاءِ ”اسٽام“ ٺاهيو ويندو آهي، لِهٰذا جن کي نيو نہ لڳائڻو هجي ان قاضي وغيره جي لاءِ منڊي پائڻ سنّت ناهي رهي

۞ مرد کي گهرجي منڊي جو نگينو تري واري پاسي رکي ۽ عورت نگينو هٿ جي پوئين پاسي رکي. (الهدايه ج 4 ص 367)

۞ چاندي جو ڇلو خاص زنانو لباس آهي، مردن جي لاءِ مَڪرُوهہ (تحريمي ناجائز ۽ گناهہ آهي) (فتاويٰ رضويه ج 22 ص 130)

۞ عورت سون چاندي جون جيتريون منڊيون ۽ ڇلا چاهي پائي سگهي ٿي هن ۾ وزن ۽ نگينن جو تعداد مقرر ناهي ۞ لوهہ جي منڊي تي چاندي جو خول چاڙهيو جو لوهہ بلڪل ڏسڻ ۾ نہ اچي تہ ان منڊي جو پائڻ (مرد ۽ عورت مان ڪنهن کي) منع نہ آهي. (عالمگيري ج 5 ص 335) ۞ ٻنهي مان ڪنهن هڪ هٿ ۾ منڊي پائي سگهو ٿا ۽ سڀ کان ننڍي آڱر ۾ پائڻ گهرجي. (ردالمحتار ج 9 ص 596)

۞ مِنَت (يعني باس جو) يا دم ڪيل ڪنهن ڌات (Metal) جو ڪڙو بہ مرد کي پائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي ائين ۞ مديني پاڪ يا اجمير شريف جا چاندي يا ڪنهن ڌات جا ڇلا ۽ اسٽيل جي منڊي بہ جائز ناهي ۞ بواسير (يعني موڪن جي بيماري) ۽ ٻين بيمارين جي لاءِ دم ڪيل چاندي يا ڪنهن بہ ڌات جا ڇلا بہ مردن لاءِ جائز نہ آهن ۞ جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي ڪنهن ڌات جو ڪڙو يا ڇلو، ناجائز منڊي يا ڌات جي زنجير (Bracelet-Chain) پاتل آهي

تہ شرعاً لازم آهي تہ هينئر جو هينئر لاهي ڇڏيو، توبھ بہ ڪري وٺو ۽ آئنده نہ پائڻ جو عهد بہ ڪريو، ۽ ڪنهن اسلامي ڀاءُ ڪي بہ پائڻ جي لاءِ نہ ڏيو.

کر لے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

(وسائلِ بخشش ص ۶۶۷)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جامعة المدينہ ۾ داخلا وٺي ڇڏي

ناجائز منڊين وغيره کان بچڻ بچائڻ جو جذبو حاصل ڪرڻ، گناهن جي عادت کان پيڇو ڇڏائڻ، نيڪ بڻجڻ ۽ بڻائڻ ۽ خوب خوب نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جو شوق وڌائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان هردم وابستہ رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙهندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندي نيڪ اعمال جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي اِستِقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو "جائزو" وٺي ڪري نيڪ اعمال جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مهيني جي پهرين تاريخ جي اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ پنهنجي هن مدني مقصد "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" جي حصول خاطر پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو

سفر ڪريو، اچو! اوھان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ ھڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو، جيئن پنڊي گيپ (پنجاب، پاڪستان) جي ھڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آھي: دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان معاذالله مان نمازن کان تمام پري گناھن جي سمنڊ ۾ غرق هيس ۽ وڏي جوش ۽ جذبي سان گھر ۾ T. V تي فلمون ڊراما ڏسندو ھئس، ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ ۾ پنھنجو وقت برباد ڪندو هيس، توبہ جي راھ تي منهنجي سفر جو آغاز ڪجھ ائين ٿيو جو رمضانُ المُبَارڪ 1429 ھ (مطابق 2008) جي ھڪ ڏينھن ڪيبل تي مختلف چينل ڏسندي منهنجي نظر مدني چينل تي پئجي وئي، مون ڏٺو تہ ڏسندو ئي رھجي ويس! مدني چينل مون کي تمام سٺو لڳو ۽ پوءِ مون مدني چينل ڏسڻ جو معمول بڻائي ورتو، مدني چينل جي برڪت سان اَلحَمدُلله مان آھستي آھستي ديني ماحول جي ويجھو ٿيڻ لڳس، شَوّالُ المُڪَرَّم (1429ھ) جي آخري عشري ۾ دعوت اسلامي جي بين الاقوامي سنتن ڀريو اجتماع مدني چينل تي براہ راست LIVE ڏيکاريو پئي ويو، اجتماع جي آخري ڏينھن جي خصوصي نشست ۾ مدني چينل تي مبلغ جو رقت انگيز بيان "ظلم کا انجام" ٻڌي اسان سيئي گھر وارا خوفِ خدا سان ڏڪي وياسين، سيني گھبرائجي انھي وقت پنھنجي گناھن کان توبہ ڪئي ۽ اَلحَمدلله سڀ جا سڀ حضور غوث الاعظم رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي سلسلي ۾ مريد بڻجي قادري رضوي بڻجي وياسين، الله پاڪ جي رحمت سان اسان جي خاندان ۾ مدني انقلاب برپا ٿي

ويو ۽ اسان جا رشتي دار بہ انفرادي ڪوشش جي برڪت سان ديني ماحول سان وابستہ ٿي غوث پاڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي سلسلي جا مريد ٿي ويا، تادم تحرير مون علم دين جا مدني گل چونڊڻ خاطر دعوت اسلامي تحت هلڻ واري جامعة المدينہ ۾ درس نظامي ۾ بہ داخلا ورتي آهي.

اے گناہوں کے مریضو! چاہتے ہو گر شفا
آن کرتے ہی رہو تم مَدَنی چینل کو سدا
اِس لئے عِصیاں سے حفاظت کا بَہت سامان ہے
اِن شاءَ اللہ خُلد میں بھی داخِلہ آسان ہے
مَدَنی چینل میں نبی کی سنتوں کی دھوم ہے
اس لئے شیطاں لعیں رنجور ہے مغموم ہے

(بتصرف،وسائلِ بخشش ص ۶۰۶)


صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسان دنيا ۾ ڇا جي ڪري آيا آهيون

پيارا اسلامي ڀائرو! سنتن ڀريو بيان "ظلم کا انجام" جنهن کي ٻڌي سڄو گهر گناهن کان تائب ٿي ويو، ان کي توهان بہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ٻڌي وٺو، هي بيان دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تي ٻڌي سگهو ٿا، بيان جو رسالو "ظلم کا انجام" بہ مڪتبة المدينہ تان حاصل ڪري پڙهو بلڪ وڌيڪ تعداد ۾ هديةً خريد ڪري پنهنجي مرحوم عزيزن جي ايصال ثواب جي لاءِ ورهايو، مدني بهار مان خبر پئي تہ جيڪو ڪم هڪ مبلغ نٿو ڪري سگهي اَلحَمدلله اهو ڪم مدني چينل

ڪري ڏيکاري ٿو يعني گناهن ۾ ڦاٿل معاشري جا اهي افراد جيڪي نہ مسجد جو رخ ڪندا آهن نہ ڪڏهن سنتن ڀرين اجتماعن ۾ شريڪ ٿيندا آهن نہ ئي علماءِ ڪرام ۽ اللّٰہ پاڪ جي نيڪ ٻانهن ۽ مدني حليي وارن ڏاڙهي ۽ ٻاعمامہ عاشقان رسول کان ملڻ جلڻ جي رغبت رکندا آهن، مدني چينل اهڙن جي گهرن ۾ داخل ٿي انهن کي انهن جي زندگي جو حقيقي مقصد سمجهائيندو ۽ سعادت مندن کي اللّٰہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ جهڪائيندو ۽ عشق رسول جا جام پيئاريندو آهي، بيشڪ اسان دنيا ۾ بيڪار يعني صرف دنيا جون لذتون وٺڻ ۽ هتي جي آسائشن کان مزو وٺڻ جي لاءِ نہ آيا آهيون، اسان کي هتي عبادت جي لاءِ موڪليو ويو آهي، پوءِ مقرر وقت تي اسان جي نہ چاهڻ جي باوجود موت اسان کي اچي ويندو ۽ قبر ۾ اڪيلو لاٿو ويندو، خبر ناهي ڪيترا هزار سال قبر ۾ گذاري وري حشر ۾ اُٿڻ ۽ قيامت جي ڏينهن حساب ڪتاب کي منهن ڏيڻو پوندو.

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net